# شيخ المشائخ



از

م -- ع ڏيپلائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپلائي جو ڪتابي سلسلو نمبر ١٠٢٩

# شيخ المشائخ

از

## م - ع ڏيپلائي

قيمت پنج روپيه

ٻهريون چاپو — ڊسمبر ١٩٧٥

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

محمد عثمان ڏيپلائي، اسلاميه پريس، الهندو ڪڇو حيدرآباد سنڌ
مان ڇپي پڌرو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انهي اڻ پڙهيل هاريءَ

جي

# سمجهه

جي

# ڳالهه

جنهن کي جڏهن سنڌس مرشد فرمايو،
ته
ابا، تون ۽ تنهنجي زال رات هتي رهو،
ته
مان "استخارا" ڪري، صبح جو
توکي تمام سٺو تعويذ ڏيندس،
تڏهن
هن جي غيرت اهو گوارا نه ڪيو
ته
سندس ويهڻ ورهين جي زال
کي
ڇڏي حويليءَ ۾
۽ پاڻ ٻاهر اوتاري ۾ سمهي،
او ٻاسيون ڪاڻي ۽ تارا ڳڻي!
شل سيني مريدن کي اهڙي سمجهه ۽ غيرت اچي، جو مولانا ملاح رحه جو هيءُ بيت ياد رکن ته:

ڏٺين مرشد مڪمل جي وڏي ڪاني ڪرامت اِيءَ،
سوچاري جڻ مريد ياڻي وجي ان ڪان نه ولهامي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| پيش لفظ ۽ شڪريه | ٦ |
| غيرت جي نالي | ٧ |
| سنڌين جي دشمنن جون شرارتون | ٩ |
| جناب جي-ايم سيد خلاف حملا | ١١ |
| پير ابراهيم جان سرهندي | ١١ |
| مسئله ارتقا | ١٧ |
| پير ابراهيم خليل سرهنديءَ جي | ٢٥ |
| سنڌين خلاف خوفناڪ سازش | |
| پير صاحب ۽ هندو | ٢٨ |
| پير صاحب ۽ بدڪاريون | ٢٩ |
| پير صاحب جو پٽاڪ | ٣٠ |
| پير صاحب جي واويلا | ٣٢ |
| پير صاحب ۽ وحدت الوجود | ٣٣ |
| پير صاحب جا تماشا | ٣٦ |
| غريب ٽريا ۽ ناوياڻيون | ٤٣ |
| محمد بن قاسم ۽ سنڌ | ٤٦ |
| عربن جو هوس ملڪ گيري | ٤٧ |
| حجاج بن يوسف | ٤٨ |
| سنڌ تي حملي جو اصل سبب | ٤٩ |
| چچ نامو ۽ محمد بن قاسم | ٥٢ |
| مسجد اقصيٰ | ٥٦ |
| پير صاحب ۽ هندو | ٥٩ |
| پير صاحب ۽ وزير اعظم اندرا نهرو | ٦١ |
| پير صاحب جي نمڪ حلالي | ٦٢ |
| ڌاڙو ثبوت | ٦٣ |
| پير صاحب ۽ شيخ اياز | ٦٨ |
| پير صاحب ۽ خواجه حسن جان | ٦٩ |
| جنن ڏنو آهي سون | ٧١ |
| ڳارين جو بدلو | ٧٤ |
| نالي ڪان پرهيز | ٧٦ |
| پير صاحب جا قلم بردار | ٧٩ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا الاهي ڪر عطا سنهنجي قلم کي سو ڪمال،
ڇاڙتا باطل ۽ ظالم جا ٿين سڀ پائمال.

# شيخ المشائخ

# (١)

## سنڌين جي دشمنن جون شرارتون

سنڌ ۾ ڪي ٻاهريان حضرات سنڌين کي پيڙهڻ، نپوڙڻ، سندن حق غصب ڪرڻ، ڪين ترقي پسند ادب جي پڙهڻ کان روڪڻ ۽ نفرت ڏيارڻ، سنڌ ۾ غير سنڌين سان ظلم ٿيڻ جا فرضي افسانا شايع ڪرڻ، آخر ۾ وري به ون يونٽ جي فضا قائم ڪرڻ ۽ اهي ظلم سنڌين تي وري قائم ڪرڻ ۽ پنهنجي صاحب طرفان ان وقت جي ٿيل ظلمن جي قدري ٿيل ۽ ٿيندڙ تدارڪ کي روڪڻ ۽ ٿيل تدارڪ واپس ڪرڻ لاءِ جيڪي حربا استعمال ڪري رهيا آهن، تن کان اگرچه ڪوبه سمجهدار سنڌي اڻ واقف نه آهي. پر اڃا ڪيترا اڻوجهه آهن، جن جي ذهنن کي دين جي پردي ۾ مفلوج ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون پيئون ورتيون وڃن، تن سان هڪ نئين ڪوشش انهن چوويهن اديبن کي ميدان ۾ آڻڻ آهي. (جيڪي آخر گهڻجي وڃي ٿي ٿيا) جي انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل جي فرحت آميز فضا ۾ ويهي ڦڏاڪا ڇوڙي ته ويا، پر پوءِ ڪين پريس ڪيشن اڳيان اچڻ جي همت ڪانه ٿي. هنن کي ايتري به سمجهه ڪانه آئي، ته هيءُ شخص، جي اڄ اسان کي فحاشي ۽ بي دينيءَ جي نالي ۾ پيا پيڙڪائين، سي آخر اردوءَ جي ٻنهي صنفن جي سرخيل

حضرت شيخ المشائخ ته ٻين وڏيرن وانگر اهوئي نظريه رکندو هوندو ته شاه عمر پاڻ وٽي اوزاه ڪري مارئي موٽائي آيو. مرحوم قليچ بيگ سندس ڪتاب ”شاه جو احوال“ ۾ ٻيو عام نظريو اهو به لکيو آهي ته مارئي پنهنجي ساٿ سان گڏ عمرڪوٽ جي اتر طرف واري پير تي وڃڻ جهنگ جو بهانو ڪري ڪپڙن پٺيان ويٺي، اتي ڪيترن سڱن ڪوٽ وهاري ٻيٺو هو. پاڻ ائٿ ڏي مارئيءَ کي چاڙهي آواز ڏنائين ته ”عمر کي وڃي چئجو ته جنهن ڪئي آيو هئين، تنهن ڪٿي پيو وڃان. هاڻي مڙس هجين ته پهچي ڏيکار!“

هاڻ سهڻيءَ بابت ٿو فرمائي:

هوءَ پنهنجي سرتاج ساهڙ ڏانهن سو سوبار صدقو ڪندي عمر گذاري ٿي ........ ساهڙ سهڻي جو سرتاج هو يا يار، سا ته خبر شاه جي وسالم مان پوندي. پر هن صاحب ڪشف ۾ شادي به ڪرائي هوندي. آخر پيرن جا ڪشف به ڪي رواجي ته ڪونه آهن، ڪم از ڪم مائيءَ وسنديءَ ڪان ته زور هوندا!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اول تہ گذريل وقت جي پيمائش جو ڪوبہ اوزار نہ ٿيو آهي نہ ٿيندو.

مرحوم سيد مصري شاهہ فرمايو تہ:

ويهہ ناهہ ۾ نجهرو اڏي: ۽ پاڻ اهڙن نانهن ۾ نجهرو اڏيندڙن کي هيڙا لقب ٿو عطا ڪري: حماقت بنيان، سفاهت نشان، حماويت اقتران، انسان نہ حيوان (صفحہ ١٦٥)

صفحہ ١٦٩ ۾ حضرت امام اعظم جي دهرين کي پيڙي واري آکاڻي بڌائي سات ڪرائڻ تي پير صاحب کي ڏاڍو فخر آهي، پر اها ساڳي ڳالهہ ڪنهن دهرئي سان ڪري، پوءِ جيڪو جواب ملندس، سو بہ ٻڌائي، تہ سندس حالت بہ انهي ڏيپلي جي هڪ مولوي صاحب وانگر ٿي ويندي، جو فرمائيندو هو تہ آئون حيدر آباد جي هڪ هاسٽل ۾ رهندو هوس، تنهن ۾ هڪ دهريو صاحب بہ رهندو هو، آءٌ ان کان هر طرح گوشو هوس تہ متان منهنجو ايمان نہ کسي وٺي!

سو حضرت پير صاحب اها امام صاحب واري آکاڻي اڄڪلهہ جماعت اسلامي وارا بہ پيا ٻڌائيندا آهن، پر جڏهن ڪنهن ”اصيل“ سان ملندا آهن تہ ”وڃا بہ وسري ويندي اٿن“ ۽ نہ فقط ايترو، پر سندن پار بہ خبرن سان اهڙو فلسفو پيا پڙهندا آهن، جو ڪين ڏسي پيا کلندا آهن.

صفحہ ١٧٠ ۾ ايجادون ڪندڙ يوروپين کي ”شيرا ٻلا شاباش“ تہ چوي ٿو، پر اها بہ ڪا خبر اٿس تہ سيني اهڙن سائنسين کي مسلمان خواهہ مسي ڪافر چوندا هئا.

هاڻ تہ انهي صفحي ۾ امريڪا کي هينئون پاسو مجيو اٿس، پر شايد کيس اهو معلوم نہ هوندو تہ هڪ وڏي پادري صاحب اها بہ فتوا ڪڍي هئي، تہ جيڪي چون ٿا تہ ڌرتي گول آهي سي ڪافر آهن، جو قيامت ۾ جڏهين خدا تعاليٰ بيت المقدس ۾ دربار ڪندو تہ تڏهين هيٺين پاسي وارا ڪيئن ٻڌي ڏسي سگهندا. ۽ اهڙين فتوائن جي نتيجي ۾ برونو جهڙا ڪئين مجاهد جيئري باهہ ۾ جلايا ويا، هن ڪري جو هو چوندا هئا تہ ڌرتي بال وانگر گول آهي ۽ نہ ڪ روپيہ وانگر آهي ۽ جبلن جي ميخن سان کوڙيل آهي ۽ سج چنڊ تارا آسمان ۾ جڙيل نہ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book